بسم الله الرحمٰن الرحيم

يَوْمَ نَدْعُوْا كُلَّ اُنَاسٍۭ بِاِمَامِهِمْ

جنهن ڏينهن اسين هر جماعت کي سندس امام سان گڏ سڏينداسين (سورة اسراء: 71)

# تقليد

خلاصه


پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد

ايم.اي. پي.ايڇ.ڊي


بين الاقوامي سلسلہ اشاعت نمبر

9


شرڪتِ اسلاميہ

مُسلم بيڪري، حميدپوُره ڪالوني 1 ميرپورخاص (سنڌ) پاڪستان

1420هـ / 1999ع

يَوْمَ نَدْعُوْا كُلَّ اُنَاسٍ بِاِمَامِهِمْ

جنهن ڏينهن اسين هر جماعت کي سندس امام سان گڏ سڏينداسين (سورة اسراء: 71)

# تقليد

خلاصه


پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد

ايم. اي، پي. ايڇ. ڊي

مترجم

پروفيسر پير نثار احمد جان سرهندي

صدر شعبهٔ اسلامي تعليمات

شاه عبداللطيف (سائنس) ڪاليج ميرپورخاص



شرڪت اسلاميه

مُسلم بيڪري، حميدپوره ڪالوني 1 ميرپورخاص (سنڌ) پاڪستان

1420هه / 1999ع


بيشڪ الله وٽ اسلام ئي دين آهي

بيشڪ الله وٽ اسلام ئي دين آهي

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمده و نصلي على رسوله الكريم

1........... تقليد (پيروي) هر انسان ِجي ضرورت آهي. هر ڪنهن مسلمان جيِ به ضرورت آهي، انهي ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو به نه آهي.... تعليم و تهذيب ۽ تمدن ۾ هر قسم جون ترقيون انهي جون ئي ٿورائتيون آهن..... تقليد (پيروي) جي ضرورت نه هجي ها ته قرآنِ حڪيم ماڻهن لاءِ ڪافي هو، پر الله سائين حضور صلي الله عليه وسلم کي به موڪليو، حضور صلي الله عليه وسلم جن جي پاڪ حياتي جو عملي نمونو به تقليد جي اهميت تي شاهد آهي..... تقليد (پيروي) جو حڪم ته قرآن ۾ به آهي[1].... حضور سائين صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته "مون توهان ۾ ٻه شيون ڇڏيون آهن، هڪڙو الله جو ڪتاب ۽ ٻيو الله جي رسول جي سنّت، جيستائين انهن ٻنهي کي جهليندا ڪڏهن به گمراه نه ٿي سگهندا"[2]......

2.......... قرآنِ حڪيم حضور صلي الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ جمع ٿي ويو هو. حضرت ابوبڪر صديق جي زماني ۾ سندس ڪتابت ٿي[3]. حضرت عثمان غني جي زماني ۾ مختلف علا ئقن ۾ ڪيس پکيڙيو ويو[4]. بلڪ حضرت عمر فاروق جي زماني ۾ ئي ٻري پر انهن علا ئقن ۾ پکڙجي چڪو هو[5].

3.......... حضورِ انور صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن قرآنِ حڪيم ۽ سندن انهي اختيار جي روشني ۾ جيڪو قرآنِ حڪيم ئي کين عطا فرمايو هو[6]، مختلف علا ئقن ۾ دستاويزن جي صورت ۾ پنهنجا حڪم احڪام موڪليا[7]....... صحابين سڀني انهن دستاويزن ۽ حڪمن جي ڏاڍي حفاظت ڪئي ۽ هر ڪنهن پنهنجي ذاتي حيثيت سان حضور صلي الله عليه

وسلم جن جي حديثن شريفن جي حفاظت ڪرڻ فرمائي ۽ ڇو نہ حفاظت ڪن ها جو پنهنجي محبوب جي هر شيءِ پياري هوندي آهي..... انهي قسم جا گهڻا ئي صحيفا (مجموعا) موجود هئا. مثال طور صحيفہٴ صديقي، صحيفۂ علوي، صحيفۂ سمره، صحيفۂ صادق، صحيفۂ صحيح[8] (اهي سڀ ۸۰هه کان پهرين جا آهن). وغيره وغيره.

4......... هر ڪنهن صحابي جو اهو ڪم نہ هو تہ اهو پاڻهي قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ فتويٰ ڏي يا فيصلا ڏي، وڏن صحابين اهو فرض ادا ڪيو، خلفاءِ راشدين ۽ صحابين جا فيصلا ۽ فتويٰ بہ جمع ڪيا ويا، چئني ڀلارن خليفن جا فيصلا شايع ٿي چڪا آهن، حضرت عبدالله بن عباس (حضور جن جي سئوٽ) جا فتويٰ ويهن جلدن ۾ مرتب ٿيا هئا.[9]

5......... قرآنِ حڪيم مان معلوم ٿئي ٿو تہ صرف دين جي سمجهہ رکڻ وارا ئي قرآن کي سمجهڻ جي قابليت رکن ٿا.[10] هر ڪو ماڻهو اها سمجهہ ۽ صلاحيت نہ ٿو رکي تہ قرآن ۽ حديث مان پاڻ مسئلا ڪڍي ۽ فيصلا ڏي، انهي ڪري قرآن شريف ۾ عِلم ۽ عِلم وارن جو ذڪر ڪيو ويو آهي[11] ۽ حڪمت ۽ فقاهت (دين ۾ ڏاهپ ۽ سمجهہ) رکڻ وارن جو خاص طرح ذڪر ڪيو ويو آهي[12].... تہ جيئن دين کان بيگانو ڪو بہ پڙهيل لکيل دين ۾ مداخلت نہ ڪري...... ۽ اها قرآن شريف سان ئي لاڳو ناهي، هر ڪنهن ڪتاب کي سمجهڻ جي لاءِ اهڙي ماڻهو جي ضرورت پوندي آهي جيڪو انهي جي اهليت ۽ لياقت رکندو هجي. هر ڪو زبان جو ڄاڻو انهي کي سمجهڻ جي دعويٰ نہ ٿو ڪري سگهي .... ڪتاب سمجهڻ جي لاءِ خالي زبان ئي ڪافي ناهي پر انهن کان سواءِ بہ گهڻو ڪجهہ کپي.

6. ......... اصحاب سڀني (الله تعاليٰ انهن سڀني کان راضي هجي) حضورِ انور صلي الله عليہ وسلم جن جي تقليد (پيروي) ڪئي ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي دنيا مان پردي مٽائڻ کان پوءِ صحابهءِ ڪرام وڏن اصحاب سڳورن جي تقليد (پيروي) ڪئي. انهن جي تقليد (پيروي) تابعين بہ ڪئي، پوءِ تبع تابعين وري وڏن تابعين جي تقليد (پيروي) ڪئي، انهي کان پوءِ چئن امامن جي تقليد (پيروي) جو سلسلو شروع ٿيو ۽ اهو سلسلو تيستائين برقرار رهيو، جيستائين تقليد (پيروي) جو عمل پنهنجي انتها تي وڃي پهتو ... هي حقيقت بہ ڌيان ڏيڻ جي لائق آهي تہ حديث جا امام بہ مقلد (پيروي ڪندڙ) هئا. جهڙي طرح امام بخاريؒ شافعي هو، ابن ماجہ، مالڪي هو، امام طحاوي، حنفي هو...... ابنِ تيميہ ۽ ابنِ قيمؒ حنبلي هئا...... شاهہ ولي اللهؒ حنفي هو وغيره وغيره ...... ۽ چئن امامن جي تقليد (پيروي) بہ انهي ڪري ڪئي وئي جو اهي حضور صلي الله عليہ وسلم جي زماني کان ويجها پر بنهہ ويجها آهن، ويجهي کان ڏسڻ پري واري ڏسڻ کان وڌيڪ بهتر ۽ صحيح هوندو آهي، ڪو بہ سمجهوارو ويجهڙائي وارن کي ڇڏي پري وارن جي ڳالهہ نہ مڃيندو.........

7. ......... جن چئن امامن جي اسلامي دنيا تقليد (پيروي) ڪري ٿي، انهن جو پهارو دور پهرين صدي هجري کان وٺي ٽي صدي هجري تائين آهي..... امام ابو حنيفہ 80 هجري کان پهرين يا 80 هجري ۾ پيدا ٿيا ۽ 150هہ ۾ انتقال فرمايائون..... امام مالڪ 179هہ ۾ انتقال فرمايو..... امام شافعي 204 هجري ۾ وفات ڪئي. ...... امام احمد بن حنبل 241هہ ۾ لاڏاڻو ڪيو..... تڏهن چئبو تہ چئني امامن جو تعلق انهي سڳوري زماني سان هو، جنهن کي خير القرون (پهارو زمانو)

چيو وڃي ٿو ۽ جنهن جي فضيلت حديث شريف ۾ آيل آهي[13]........ انهي فضيلت کان ڪنهن کي انڪار ناهي.

8......... چئن امامن قرآن شريف، حديث جي ذخيرن ۽ صحابہؓ ڪرام رضي الله عنهم جي فتوائن ۽ فيصلن کي سامهون رکندي، انهي دانائي ۽ حڪمت کان ڪم ورتو، جنهن جو قرآن شريف ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي[14] ۽ اهڙي فضيلت سان اهو سڀ ڪجهہ سڪيا. جهڙي طرح حضورِ انور صلي الله عليہ وسلم جن اصحابن سڳورن کي سيکاريو هو[15]....... اهو سمجهڻ تہ چارئي امام حديثن کان غافل هئا، رڳو پنهنجي دل جي چئي تي عمل ڪندا هئا. هڪ غير مؤرخانہ ۽ صفا ٻاراڻو خيال آهي، جنهن جو حقيقت سان ڪو بہ تعلق ناهي..... هر ڪنهن مسئلي تي جڏهن غور ڪيو وڃي ٿو، تڏهن ئي سندس جواب سامهون ايندو آهي. چئن امامن ۽ مجتهدن (قرآن شريف ۽ حديثن جي الفاظ ۽ عبارت تي غور ۽ فڪر ڪري، انهن مان مسئلن جو حل ڳولهيندڙ) بہ قرآن ۽ حديث ۾ غور ۽ فڪر فرمايو ۽ اسان جا هزارين مسئلا حل ڪيا. اهڙي ڳوڙهي غور ۽ فڪر کي "پنهنجي مرضي واري راءِ" سان تعبير ڪرڻ، هڪ اهڙو ظلم آهي، جنهن جو مثال نہ ٿو ملي ۽ هڪ اهڙو الزام ۽ بهتان آهي جنهن جو عقل ۽ ڏاهپ جي تاريخ ۾ ڪو نظير نہ ٿو ملي ۽ خود قرآن شريف جي بہ خلاف آهي (ملاحظہ فرمايو، سورة التّوبہ 122)

9......... ڪي اصحابي سڳورا صرف محدّث (حديث بيان ڪندڙ) هئا..... ڪي محدّث بہ هئا ۽ فقيہ (پنهنجي ڏاهپ ۽ سمجهہ سان قرآن ۽ حديث مان دين جا مسئلا حل ڪندڙ) بہ ...... ڪي تابعين (صحابين جي پيروي ڪندڙ شاگرد) صرف محدّث هئا..... ڪي محدّث بہ هئا ۽ فقيہ بہ...... ڪي تبع تابعين (تابعين جا پوءِ لڳ؛شاگرد) فقط محدّث

هئا..... ڪي محدّث بہ هئا ۽ فقيہ بہ .... محدّث جو فقيہ هئڻ ڪو ضروري ناهي.... پرفقيہ جو محدّث هئڻ ضروري آهي.... محدّث پرکڻ، تورڻ، تکڻ کان پوءِ حديثون جمع ڪندا آهن. مُجتهدين ۽ فُقَهاءَ پنهنجي ڏاهپ ۽ حڪمت سان انهن حديثن مان دين جا مسئلا ڪيي، انهن جو حل ٻڌائيندا آهن.... اِمامن مُجتهدن جو انڪار ڪرڻ هڪ چٽي حقيقت کان انڪار ڪرڻ آهي........ انهي حقيقت کي هڪڙي مثال مان بہ سمجهي سگهي ٿو ۽ جيڪا ڳالهہ هن مسئلي کي چڱي طرح سمجهڻ لاءِ پيش ڪئي پئي وڃي، انهي جو قرآن ۽ حديث جي عظمتن سان ڪو مقابلو ناهي..... غور فرمايو....... بدني مرضن جي علاج جي لاءِ جڙي ٻوٽيون گڏ ڪرڻ هڪ جماعت جو ڪم آهي. انهن جو خاصيتون ڳولهڻ واري هڪ ٻي ڏار جماعت آهي، انهن مان وري ڌار ڌار شڪلين ۾ دوائون ناهڻ واري ٽين جماعت آهي ۽ مرضن جي سڃاڻپ (تشخيص) ۽ دوائون تجويز ڪرڻ واري چوٿين جماعت آهي...... هاڻي جيڪڏهن ڪو اهو چئي تہ پهرين جماعت کان سواءِ ٻيني جماعتن جڙين ٻوٽين کي ڇڏي ڏنو، انهي ڪري اسين ٻيني کي ڇڏي ٻرپٽ ٻيابانن ۽ رڻ پٽن ۾ پاڻ وڃي ڳولهينداسين. پاڻ ئي سندن خاصيتون هٿ ڪندا سين..... تہ پوءِ اهڙي ماڻهو جي باري ۾ توهين ڪهڙو فيصلو ڪندا؟.... ڇا سندس انهي طرز عمل کي مقبوليت سان پيٽ ڪندا؟....... نبوت جي زماني کان وٺي احاديث جو لکيل سرمايو مسلسل هڪ کان ٻئي تائين منتقل ٿيندو آيو. ها ڪتابي صورت ۾ ڪيس اجا ترتيب نہ ڏنو ويو هو. پوءِ اهو ضروري ڪم بہ ٿي ويو. شايد سڀ کان پهرين امام ابو حنيفہ جي حديثن جو مجموعو ڪتابي صورت ۾ آندو ويو. جنهن جو نالو "ڪتابُ الآثار" رکيو ويو.[16]... پوءِ امام مالڪ پنهنجو ڪتاب "مؤطا"[17] مرتب ڪيو. انهي کان پوءِ امام

ابو حنيفہ جي شاگرد امام محمد (م 189هہ) پنهنجي ڪتاب "مؤطا" کي مرتب ڪيو. پوءِ حديث جا امام حديث جي لکيل سرمائي کي لڳاتار مرتب ڪندا رهيا....... جيئن امام احمد بن حنبل (م 241هہ) پنهنجو "مسند"[18] مرتب ڪيو. امام بخاري (م 256هہ) "صحيح بخاري" کي امام مسلم (م 261هہ) "صحيح مسلم" ابن ماجہ (م 273هہ) "سنن ابن ماجہ" امام ترمذي (م 279هہ) "جامع ترمذي" امام نسائي (م 303هہ) "سنن نسائي". امام طحاوي (م 321هہ) "شرح معاني الآثار" کي مرتب ڪيو. وغيره وغيره..... اهو چوڻ تہ حديث جو سرمايو ٻن ٽن سون سالن کان پوءِ وجود ۾ آيو. تاريخي نقطہٴ نظر کان قطعي غلط آهي.... هر ڪو ڪم پنهنجا ابتدائي درجا طي ڪري پنهنجي عروج کي پهچندو آهي، اهو هڪ فطري عمل آهي. جنهن کي نظر ۾ رکڻ گهرجي..... محدّثن جيڪي حديثون جمع فرمايون، هي اهي حديثون هيون، جن کي سامهون رکي انهن منجهان مسئلا چونديا ۽ ڪڍيا......

10......... امام ابو حنيفہ ڇئني امامن ۽ تابعين مان ڪن خصوصيتن جي ڪري نهايت ممتاز هئا..... پاڻ اصحابين سڳورن جي زيارت ڪيائون...... وڏن صحابين، حضرت عمر، حضرت علي، حضرت عبدالله بن مسعود رضوان الله عليهم اجمعين، کان جن بزرگن فيض حاصل ڪيو[19] پاڻ انهن کان فيض ورتائون....... حضور جن صلي الله عليہ وسلم جا اصحابي سڳورا حضرت انس بن مالڪ[16] رضي الله تعاليٰ عنہ (م 93هہ). حضرت عبدالله بن حارث رضي الله عنہ (م 97هہ). حضرت عبدالله بن اوفي رضي الله تعاليٰ عنہ (م 89هہ) سندن استاد هئا[20]. سندن استاد هڪ هزار کان بہ گهڻا آهن.

11......... اسلامي حڪومت جهڙي تيزي سان پکڙجي رهي هئي ۽ جنهن تيزي سان نوان نوان مسئلا تڪڙا تڪڙا سامهون اچي رهيا هئا، اهڙي ئي تيزي سان فقيهن ۽ مجتهدن سڳورن فقہ جي جوڙجڪ ڪئي ۽ عالمِ اسلام جي هڪ وڏي مشڪل کي حل ڪري ڇڏيائون... امام ابو حنيفہ عالمن ۽ فاضلن جو هڪ بورڊ (مجلس) تشڪيل ڏنو، جنهن ۾ هر علم ۽ فن جا ماهر موجود هئا.[21] جو تہ قرآن ۽ حديث کي سمجهڻ جي لاءِ صرف عربي زبان ڄاڻڻ ڪافي ناهي.... گهڻن کي نت نون هاڻوڪن ۽ آئينده پيش اچڻ وارن مسئلن تي بحث و مباحثو ۽ غور ۽ فڪر ٿيو ۽ انهي غور ۽ فڪر جي نتيجي ۾ ٿياسي هزار مسئلن جو حل قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ پيش ڪيو ويو.[22]....... شريعت جي قانون جو اهو عظيم مجموعو 114هہ کان پهرين مرتب ٿي ويو هو، اهو امام ابو حنيفہ جو عظيم علمي ڪارنامون آهي ۽ مسلمان امت جي مٿان اهو سندس وڏو تورو ۽ احسان آهي........ ٿياسي هزار مسئلن تي مشتمل شريعت جي قانون جي نهي جڙي راس ٿيڻ کان پوءِ امام ابو حنيفہ بورڊ (مجلس) جي اراڪين (ميمبرن) ۽ هڪ هزار پنهنجن خاص شاگردن جي سامهون جيڪو خطبو ارشاد فرمايو، انهي جا هيٺيان نڪتا، اسلامي دنيا جي ججن، منصفن (انصاف ڪندڙن)، قاضين ۽ مفتين (فتويٰ ڏيندڙن) جي لاءِ رستي جي مشعل آهن انهن نڪتن ۾ هڪ مومن جي ڏاهپ بہ آهي ۽ مريدن ۽ حڪيمن واري دل سان ڏسڻ واري دانائي (بصيرت) بہ..... ملاحظہ فرمايو:-

(الف) آئون توهان کي الله جو قسم ۽ سندس علم جو واسطو ڏيان ٿو تہ هن علم (فقہ /اسلامي قانون) کي ڪڏهن بہ خوار نہ ڪجو.

(ب) قضا جو عهدو (جج ٿيڻ يا منصفي جو عهدو) انهي وقت تائين درست ۽ جائز آهي، جيستائين قاضي (جج يا منصف) جو ظاهر ۽ باطن (اندر ۽ ٻاهر) پاڪ هجي.....

(ج) توهان مان جيڪو انهي عهدي کي قبول ڪري، اهو پنهنجي ۽ مائٽن جي وچ ۾ رنڊڪون نہ وجهي.........

(د) هر ڪنهن گهرجائو جي توهان تائين سولائي سان پهچ هجي......

(هہ) امير ۽ حاڪم جيڪڏهن خدا جي مخلوق جي سامهون غلط رويو (اڻنگي چال) اختيار ڪري تہ قاضي (جج يا منصف) کي گهرجي تہ ڪانئس پڇا ڳاڇا ڪري.[23]

12......... انهي ۾ شڪ ناهي تہ امام ابو حنيفہ، حضورِ انور صلي الله عليہ وسلم جن جو عظيم معجزو هئا. قرآن شريف ۾ سورهٔ جمعہ جي آيت نمبر 2 ۽ 3 جڏهن نازل ٿيون، جن ۾ فرمايو ويو آهي تہ حضور جن عليہ الصّلوٰة والسّلام مستقبل (ايندڙ زماني) ۾ اچڻ وارن کي بہ پاڪ ڪن ٿا ۽ علم عطا فرمائيندا آهن، تڏهن حضرت ابو هريره رضي الله عنہ انهن اچڻ وارن جي باري ۾ پڇيو. حضور سائين صلي الله عليہ وسلم جن جواب نہ ڏنو، ٻيهر عرض ڪيو، جواب نہ مليو....... وري عرض ڪرڻ تي انهي راز تان پردو ڪنيائون ۽ امام ابو حنيفہ ڏانهن چٽو اشارو فرمايائون.[24]

انشاءالله تعاليٰ هڪ وڏي مقالي ۾ انهي جو تفصيل پيش ڪيو ويندو...... محدّثن مان امام جلال الدّين سيوطي (مٿس رحمتون هجن) (م 921هہ) ۽ شاه ولي الله محدّث دهلويؒ[25] (مٿس بہ رحمتون هجن) (م1176هہ) جن انهي حديث شريف جو مصداق (سچو پچو حقدار) امام ابو حنيفہ کي قرار ڏنو آهي......... امام طحاوي[26] (م 321هہ) ۽

ابن حجر هيثميؒ[27] (م 973هہ) جن امام ابو حنيفہ کي ٻنهي جهانن جي سردار جو معجزو قرار ڏنو آهي........ قرآن شريف ۾ لفظ "حنيف" آيو آهي[28]...... دين حنيف[29]، مسلم حنيف[30] ۽ حُنفاءَ بہ آيل آهي[31].

13......... علامہ ابنِ خلدون اڄ کان ڇهہ سئو سال پهرين[32]، امير خسرو ست سئو سال اڳ، شيخ احمد سرهندي مجدد الف ثاني چار سئو سال[33] اڳي، اسلامي دنيا خاص طرح هن ننڍي کنڊ (برصغير) ۾ سُنِّيَن ۽ حَنفِيَن جي گهڻائي جو ذڪر ڪيو آهي، نئين دور جي مصري عالم ڊاڪٽر صبحي محمصاني سموري دنيا جي مسلمانن جا ٻہ حصا حنفي ۽ باقي سمورن کي هڪ حصو قرار ڏنو آهي[34]. يعني تاريخي لحاظ سان حنفين کي اسلامي ملت جو سوادِ اعظم (ٻنهہ وڏي جماعت) مڃيو آهي. حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ "مون دعا ڪئي تہ منهنجي امت گمراهي تي گڏ نہ ٿئي ۽ الله سائين اها دعا قبول فرمائي"[35]........ "منهنجي امت ڪڏهن بہ گمراهي تي گڏ نہ ٿيندي"[36]........ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ "جماعت جي تقليد (پيروي) ڪريو"[37]...... ۽ فرمايائون تہ "سوادِ اعظم (ٻنهہ وڏي جماعت) جي تقليد (پيروي) ڪريو"[38]...... اهو بہ فرمايائون تہ "جماعت ۽ عام مومنن جي تقليد ڪريو"[39]....... ۽ اهو بہ فرمايائون تہ "جماعت تي الله جو هٿ آهي"[40]........ امير شڪيب ارسلان ڪتاب حسن المساعي جي حاشيي تي لکيو آهي تہ مسلمانن جي اڪثريت امام ابو حنيفہ جي تقليد ڪندي آهي، خود غير مقلد (تقليد نہ ڪندڙ) حضراتن مان نواب صديق حسن خان ۽ مولوي ثناءالله امر تسري جن بہ اهو ئي لکيو آهي ۽ غير مقلد عالم مولوي محمد حسين بٽالوي غير مقلدن کي "اٽي ۾ لوڻ جيترا" قرار ڏنو آهي[41]..... الله سائين امام ابو حنيفہ کي جيڪا عام مقبوليت عطا

فرمائي، هي اها ئي مقبوليت ۽ محبوبيت آهي، جيڪا هو پنهنجن خاص بندن کي عطا فرمائيندو آهي ۽ جنهن جو حديث شريف ۾ بہ ذڪر آهي[42]..... جيڪو اهڙن مقبول ۽ محبوبَ الله جي ٻانهن سان جهيڙو ڪرڻ گهري ٿو، انهي کي الله سائين فرمائي ٿو:

"اهو مون سان جنگ لاءِ تيار ٿي وڃي"[43].

ڪير اهڙو بدنصيب انسان هوندو، جيڪو الله سان جنگ لاءِ تيار هجي؟

14......... جماعتي شڪل ۾ چئن امامن کان بيزاري ۽ تقليد کان ڀڄڻ جو لاڙو غلامي واري دور جو يادگار آهي ۽ سندن اهو انڪار ۽ بيزاري بہ ڪن خاص ٻاهرين هستين کان آهي، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ انهي بيزاري ۽ فرار جو اصل سبب سياسي آهي، مذهبي ناهي..... اسان جي انهي اندازي ۽ شڪ جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ لاهور ۾ اهل حديث جي هيڊ ڪوارٽر مان اهل قرآن (جيڪي مورڳو حديث کي نہ ٿا مڃن) جي تحريڪ جنم ورتو، اها ڳالهہ اهل حديث عالم مولوي محمد حسين بٽالوي جن فرمائي آهي. (اشاعة السنة، ج 19، شمار 8، ص 252) اوهان پاڻ غور فرمايو، ڪٿي اهل حديث ۽ ڪٿي اهل قرآن!..... انهن ٻنهي تحريڪن مسلمانن جي ٻڌي ۽ اتحاد کي متاثر ڪيو. انهي ڪري ڪن دانشورن (ڏاهن) جو خيال آهي تہ مسلمانن جي ايڪي ۽ اتحاد کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي لاءِ اها هڪ سازش آهي، نابلس جي جج ۽ محڪمہ انصاف جي وزير يوسف اسماعيل بہ انهي الڪي جو اظهار ڪيو آهي. (شواهدالحق، لاهور 1988ع، ص 49)...... جيئن مٿي عرض ڪيو ويو تہ تقليد کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ناهي ڇو تہ اها انسان جي ضرورت آهي، غير مقلد بہ تقليد ڪرڻ تي مجبور آهن، خود غير مقلد عالم پنهنجي جماعتي ساٿين کان پڇن ٿا:

"اسان جي اهلِ حديث ڀائرن ابنِ تيميہ، ابنِ قيمؒ ۽ شوڪاني ۽ شاه ولي الله ۽ مولوي اسماعيل ...... کي دين جو ٺيڪيدار بڻائي ڇڏيو آهي...... ڀائرو! ٿورو غور ڪريو ۽ انصاف ڪريو، جڏهن توهان ابو حنيفہ ۽ شافعي جي تقليد ڇڏي ڏني تہ پوءِ ابنِ تيميہ يا ابنِ قيمؒ ۽ شوڪاني، انهن کان گهڻو پوءِ جا آهن، تن جي تقليد جي ڪهڙي ضرورت؟"[44]

15......... اسلامي تاريخ ۾ "اهلِ حديث" جي نالي سان ڪو بہ فرقو نہ ٿو لڀي، اهو لفظ فقط حديث جي ماهرن جي لاءِ مخصوص هو...... جيئن تہ غير مقلدين (تقليد نہ ڪندڙن) يا تہ انگريزن جي امداد ۽ تعاون سان پنهنجي حڪومت قائم ڪئي[45] يا انهن نندي ڪنڊ ۾ انگريزن جي حڪومت قائم ڪرڻ ۾ سندن پوري پوري مدد ڪئي[46]، تنهن ڪري عالمِ اسلامي ۽ خاص طرح نندي ڪنڊ جا مسلمان انهن کان نفرت ڪندا هئا[47] ۽ انهن کي "وهابي" چوندا هئا...... اهي حضرات مسلمان حڪومت جي پيٺ ۾ انگريزي حڪومت کي رحمت سمجهندا هئا[48]، انهن 1857ع جي آزادي جي جنگ کان پوءِ انگريز حاڪمن کي پنهنجون وفاداريون ياد ڏياريندي، درخواست ڪئي تہ انهن کي "وهابي" بدران "اهلِ حديث" چيو وڃي[49]، ۽ انهي سلسلي ۾ عام اعلان (نوٽيفڪيشن) جاري ڪيو وڃي[50]..... اهڙي طرح سندن درخواست منظور ٿي ۽ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو[50]..... انهن حقيقتن جي پٺ ڀرائي اهلِ حديث عالم مولوي محمد حسين بٽالوي جي بيانن مان ٿئي ٿي، نہ تہ انهن بيانن تي ڪير بہ اعتبار نہ ڪري ها ۽ شايد شڪ ۽ شبهي جي نظر سان ڏٺا وڃن ها...... پر هاڻي تاريخي حقيقتن جي روشني ۾ ڇٽي ڏينهن وانگر پڌرو ٿي ويو تہ

غير مقلدن کي "اهلِ حديث" جو نالو انگريزن ئي ڏنو آهي. 1857ع کان اڳ انهي نالي جو مسلمانن ۾ ڪو بہ فرقو نہ هو.

16......... اسان علمي تاريخي حقيقتون مڪمل غير جانبداري سان اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏيون آهن، هاڻي اوهين پاڻ ئي پنهنجي عقل ۽ ضمير کان اها ڳالهہ پڇو تہ:.......

★....... جيڪو فرقو بنهہ گهٽي اقليت (گهٽتائي) ۾ هجي.

★....... جنهن انگريزن جي حمايت ڪئي هجي.

★....... جيڪو مسلمانن جي حڪومت کان انگريزن جي حڪومت کي وڌيڪ سٺو سمجهندو هجي.

★....... جنهن جو نالو ئي انگريزن رکيو هجي.

★....... جيڪو سوادِ اعظم (بنهہ وڏي جماعت) سان وير رکندو هجي، جنهن جي تقليد جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن حڪم ڏنو ۽ انهي سوادِ اعظم (بنهہ وڏي جماعت) کي مشرڪ چوڻ کان بہ ڪيٻائيندو نہ هجي.[51]

## اهو حق تي آهي يا اها جماعت حق تي آهي

★....... جيڪا جماعت بنهہ وڌيڪ گهڻائي ۾ هجي.

★....... جنهن ڪڏهن بہ انگريزن جي حمايت نہ ڪئي هجي.

★....... جيڪا انگريزن جي حڪومت کان مسلمانن جي حڪومت کي وڌيڪ سٺو سمجهندي هجي.

★....... جنهن جو نالو حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن اهل السنة و الجماعة رکيو هجي.

★.......جيڪا خود ملت اسلاميہ جي سواد اعظم (بنھ وڏي جماعت) ھجي.

حضور انور صلي الله عليہ وسلم جن تي ايمان ۽ پاڻ سڳورن جي محبت جي تقاضا تہ اھا ئي آھي تہ سندن ھر ھڪ حڪم مڃو، پاڻ سڳورن فرمايو تہ ڪنھن مسئلي ۾ قاسي وجو تہ پوءِ پنھنجي دل کان فيصلو گھرندا ڪريو.[52]......

ھا دل چاڻي چوي ..... دل جي ٻڌو ۽ انھي تي ئي عمل ڪريو.

الله سائين اسان سڀني کي قرآن ۽ حديث سمجھڻ ۽ انھن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي - آمين.

بجاہِ سَيِّد المُرسلين رَحمۃَ اللعالمِين صَلي الله عَليہ وآلہٖ وسلَّمَ اَجمَعين.

احقر

**محمد مسعود**

ڪراچي 6/مارچ 1997ع

# حــاشــياءِ حـــوالا

1.......... قرآنِ حڪيم، سورة نِسآء، آيت نمبر 125، سورة نحل 16، آيت نمبر 123

2.......... مشڪوٰة شريف، ڪتابُ الايمان، بابُ الاِعتصام بالڪتاب والسُنة، ج 1، ص 83 (1301ع مصر)

3.......... محمد بن اِسماعيل بُخاري، بخاري شريف، ج 3، ص 143، ابن حجر عسقلا نيءِ فتحُ الباري، ج 9.

4.......... جلا لُ الدّين سيوطي، الاِتقان في علوم القرآن، ج 1، ص 9 - 145، مطبوعہ ڪراچي.

5.......... ابن حزم، ڪتاب الفصل والملل والاهواءِ والنحل، قاهره، ج 2، ص 78.

6.......... قرآنِ حڪيم، سورةُ الحشر، آيت نمبر 7.

7.......... ابنِ عبدالبر، جامع البيان العلم و فضلہ، ج 1 ص 71، ابنِ حجر عسقلا ني، الاستيعاب الاسماءِ الصحابہ، ج 2، ص 437.

نوٽ: (1) ڊاڪٽر محمد حميد الله (مقيم پيرس) پنهنجي تاليف، الوثائق السياسيہ في العهد النبوي و الخلا فة الراشدة (مطبوعہ مصر) ۾ بن سون کان وڌيڪ دستاويز نقل ڪيا آهن. وري ڪتاب جي نئين ايڊيشن ۾ ٻين ڇاليهہ دستاويزن جو اضافہ ڪيو آهي......

2. محمد بن فرح المعروف بابن الطلاع الا ندلسيءَ، حضور صلي الله عليہ وسلم جي فيصلن تي آڌار رڪندڙ هڪ مجموعو "اقضيــة الرسول" مرتب ڪيو. جنهن جي اردو ترجمي ڪي مدينہ يونيورسٽي، مدينہ منوره جي

ڊاڪٽر محمد ضياءُ الرحمان اعظمي مدون ڪيو آهي ۽ دائرهٔ معارفِ اسلاميہ لاهور شايع ڪيو آهي. اهو 792 صفحن تي مشتمل آهي.

مسعود.

8.......... مسند احمد بن حنبل، حديث نمبر 651، 682، 693 جامع البيان، ج 1، ص 72.

نوٽ:- حضرت جابر رضي الله تعاليٰ عنہ پنهنجي شاگرد حضرت همام بن مُنَبہؒ بن ڪامل بن شيخ سجاني الصنعاني الا نباوي جي لاءِ مرتب فرمايو هو. جيڪو "صحيفهٔ همام بن منبہؒ" جي نالي سان حيدرآباد دڪن مان شايع ٿيو. مشهور محقق ڊاڪٽر محمد حميد الله (مقيم پيرس) انهي کي مدون ڪيو ۽ انهي تي فاضلانہ مقدمّو لکڻ فرمايو. صحيفهٔ صحيحہ کي محدثّن پنهنجين پنهنجين مسانيد، جوامع ۽ صحاح ۾ شامل ڪيو آهي. مسعود.

9.......... حافظ ابنِ قيمؒ، الوابل الصيب، ص 78.

10.......... قرآنِ حڪيم سورة توبہ، آيت نمبر 123، سورة النساءَ آيت نمبر 83.

11.......... قرآن حڪيم سورة عنڪبوت، آيت نمبر 43، سورة شعراءَ آيت نمبر 197، سورة فاطر آيت نمبر 28.

12.......... قرآنِ حڪيم سورة بقرة، آيت نمبر 269، بخاري شريف ج 1، ص 24.

13.......... مشڪوٰة شريف، ڪتاب المناقب، باب مناقبِ صحابہؓ حديث نمبر 4.

14.......... قرآنِ حڪيم، سورة بقرة، آيت نمبر 269، 151، سورة آلِ عمران، آيت نمبر 164 سورة النساءَ آيت نمبر 113، سورة نحل، آيت نمبر 125.

15.......... سنن ابو دائود، لاهور، پاره نمبر 23، باب نمبر 71، حديث نمبر 196.

16.......... كتاب الآثار (بروايت امام ابو يوسف)، كتاب الآثار (بروايت حسن بن زياد، كتاب الآثار (بروايت امام محمد بن حسن)، كتاب الآثار (بروايت امام زفر بن هذيل).

17.......... دائرهٔ معارفِ اسلاميه پنجاب يونيورسٽي، لاهور، ج 18، ص 372.

18.......... مسند امام احمد بن حنبلؒ (18 مسانيد جو مجموعو جنهن کي نئين سر مرتب ڪري مصر مان 20 جلدن ۾ شايع ڪيو ويو آهي)

19.......... علامه بياضي، اشارات المرام، ص 20، ابو زهره مصري، حيات امام ابو حنيفه، ص 275.

20.......... حافظ ذهبي، تذكرة الحفاظ، ج 1، ص 76-79.

21.......... خطيب بغدادي، تاريخِ بغداد، ج 22، ص 108.

22.......... ذيل الجواهر، ج 2، ص 472.

23.......... معجم المصنّفين، ج 2، ص 55.

24.......... بخاري شريف، ج 2، ص 973، حديث نمبر 889، مطبوعه لاهور 1991ع.

25.......... مڪتوباتِ شاه ولي الله، ص 168.

26.......... درِّ مختار، مطبوعه دهلي، ص 45.

27.......... ابنِ حجر هيثمي، الخيرات الحسّان، ص 6.

28.......... حنيف جي معنيٰ آهي سڌو سنئون، اسلامي احڪام تي عمل ڪندڙ (المنجد، ص 243)....... تنهن ڪان سواءِ حق ڏانهن لاڙو رکندڙ، دين جو سچو، باطل ڪان امر، حق جي طرف اچڻ وارو، ثابت قدم، (لغات ڪشوري، لکنو، ص 175، ايڊيشن نمبر 19)

29.......... قرآنِ حکیم، سورۂ روم، آیت نمبر 30۔

30.......... قرآنِ حکیم، سورۃ آلِ عمران، آیت نمبر 95۔

31.......... قرآنِ حکیم، سورۂ بیّنہ، آیت نمبر 5۔

32.......... مقدمۂ علامہ ابنِ خلدون، ص 469۔

33.......... احمد سرھندي مجدّد الف ثاني، ردِّ روافض، لاھور 1992ع، ص 9، مکتوبات شریف، دفتر بیون، مکتوب نمبر 55۔

34.......... ڈاکٽر صبحي محمصاني: فلسفۂ شریعتِ اسلام، ص 48۔

35.......... مسند احمد بن حنبل، ج 6، ص 396، علي الھیثمي، مجمع الزوائد، باب اجماع، ج 1، ص 177۔

36.......... مشکوٰۃ شریف، کتاب الایمان، باب الاعتصام بالکتاب والسنّۃ، ج 1، ص 80۔

37.......... ایضاً، ج 1، ص 84۔

38.......... ایضاً، ج 1، ص 84، سُنن ابنِ ماجہ، کتاب الفتن، بابہ السّوادِ اعظم، ص 303۔

39.......... مشکوٰۃ شریف، کتاب الایمان، باب الاعتصام، ج 1، ص 84۔

40.......... ایضاً، ج 1، ص 80۔

41.......... ترجمانِ وھابیہ ص 10، شمعِ توحید ص 40، اشاعۃ السنّۃ، ج 7، شمارو 12، ص 370۔

42.......... (الف) بخاري شریف، کتاب الادب، ج 2، ص 892۔
(ب) مسلم شریف، کتاب البرّ والصلۃ، ج 2، ص 331۔

43.......... ریاض الصّالحین، بحوالہ بخاري شریف، باب علامات حبّ الله تعالیٰ العبد.

44..........محمدحلیم چشتي، حیاتِ وحید الزّمان، کراچي، ص 102

45.......... زميندار (لاهور) شمارو 6، فيبروري 1922ع
زميندار (لاهور) شمارو 7، فيبروري 1922ع
زميندار (لاهور) شمارو 10، فيبروري 1922ع
زميندار (لاهور) شمارو 11، فيبروري 1922ع

46.......... اشاعت السنته، لاهور، شمارو 9، ج 8، ص 262.

47.......... سياست (لاهور) شمارو 19، فيبروري 1925ع.

48.......... مقالات سر سيد (مرتبه اسماعيل پاني پتي) حصو نائون، ص 12، 211، لاهور 1961ع.

49.......... اشاعت السنته، ج 11، شمارو 2، ص 69.

50.......... (الف) بحواله خط نمبر 127، مورخه 15 آگسٽ 1888ع
(حڪومت مدراس ڏانهن موڪليو ويو)
(ب) بحواله خط نمبر 156، مورخه 4 مارچ 1890ع
(حڪومت بنگال ڏانهن موڪليو ويو)
(ج) بحواله خط نمبر 386، مورخه 20 جولاءِ 1888ع
(حڪومت يو. پي ڏانهن موڪليو ويو)
(د) بحواله خط نمبر 407، مورخه 14 جولاءِ 1888ع
(حڪومت سي.پي ڏانهن موڪليو ويو)
(هه) بحواله خط نمبر 32، مورخه 14 آگسٽ 1888ع
(حڪومت بمبئي ڏانهن موڪليو ويو) وغيره وغيره

51.......... A Glossary of the Tribes, Lahore, 1978 vol. II, P. 8

52.......... (الف) سنن الدارمي، ج 2، ص 236، بيروت.
(ب) مسندالامام احمد، ج 4، ص 228، مڪه مڪرمه
(ج) عين العلم، ص 21، پشاور، 1279ع.

خير سان پورو ٿيو.

شرکت اسلامیه میرپورخاص

Shirkat-e-Islamia, Mirpurkhas

بيشڪ الله وٽ اسلام ئي دين آهي